ڊاڪٽر شير مهراڻي

# شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جو تصور


## Abstract:

*Humanism is a multi-dimensional philosophy, it keeps very vast canvas; which not only covers human-being(s) from creation to culture, but the discussion about the universe is also in its limits. The philosophy of Humanism has had a long and notable history, with roots into the past and deep into the life of wisdom and civilizations. Humanism has had reputed representatives in all the great nations and in their cultures. The philosophy of Humanism represents a specific and forthright view of the universe, the nature of human beings, and the treatment of human problems. First time the term Humanist came into common use in the early sixteenth century to delegate the scholars of the European Renaissance. Humanism is a great philosophy, affable to this modern age. As we are of views that humanism has had great representatives in all the great nations and cultures; so in Sindh the great sign and symbol of humanism is Shah Abdul Latif Bhittai. Bhittai is unanimously accepted as the greatest poet of Sindhi language. In this research article we have tried to excavate the roots of Humanism from pre-Greek era to modern even post modern era, with special reference to notable scholars of different ages and cultures including Shah Abdul Latif Bhittai. We have also tried to discuss and discover the different modes of Humanistic philosophy.*


ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.
(شاهہ لطيف)

انسان دوستي تمام گهڻو همہ گير ۽ گهرو موضوع آهي. چاڪاڻ تہ ان جي شروعات انساني تاريخ سان گڏ ئي ٿي آهي ۽ ان ۾ ڪيترائي لاهہ چاڙها ايندا رهيا آهن. تبديلين ۽ تغيرات جي تيز وهڪري انسان کي ڪڏهن پنهنجي ويجهو ڪيو آهي تہ ڪڏهن خود کان ڪوهين ڏور پولارن ۾ ڦٽو ڪيو آهي. هو جڏهن جڏهن بہ پنهنجي وجود جي ويجهو آيو؛ هن پاڻ تي سوچيو ۽ معلوم ڪرڻ لاءِ پتوڙيندو رهيو. ڄاڻڻ جي اڄ جي احساس ۽ اثر هيٺ انسان جو ڪائنات جي تخليق بابت نامعلوم حقيقتن کي





معلوم ڪرڻ جو سفر يوناني ڏاهي ٿيليس (Thales ٦٢٤-٥٤٦ BC)کان شروع ٿي اڄ بگ بينگ جي ٿيوريءَ تي پهتو آهي. ان ۾ انسان ڪٿي پوڄيو آهي! تہ ڪٿي سر ڏئي سرخرو ٿيو آهي. آدم جي هن اولاد علم ۽ ڄاڻ جي پويان ڪڏهن لاپائيتيون تہ ڪڏهن غير لاپائيتيون ڪوششون ڪيون آهن. جن کي ڪجهہ وريو آهي. تاريخ انهن جا نالا ياد ڪيا آهن؛ باقي جيڪي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي راهہ ۾ اجل جي ور چڙهيا، اهي نہ تاريخ ۾ موجود آهن، نہ وري ڪنهن جي ذهن ۾ انهن جي ڪوشش جو خاڪو آهي. پر اها هڪ حقيقت آهي ۽ ان حقيقت جا صرف اهڃاڻ ئي ملن ٿا تہ ڳولها جي عظيم ۽ اجهاڳ پنڌ ۾ ڪيترائي ماڻهو ماريا ويا آهن. ٿيليس چيو هو ڪائنات پاڻيءَ مان پيدا ٿي آهي. چاڪاڻ تہ سڪل ٻجن کي بہ جيسيتائين پاڻي نٿو ملي اهي نٿا ڦٽن.

ٿيليس اهو پڻ چيو هو تہ، سڀني شين ۾ تخليقيت جي سگهہ موجود آهي. ٿيليس جي پنهنجي ئي شاگرد انيگزيمينڊر ٥٤٦ - ٦١٠ ق.م. Anaximander سندس نظريي کي مڪمل طور تي تہ رد نہ ڪيو، پر ان ايترو ضرور چيو تہ، سڀ شيون برابر سمنڊ مان پيدا ٿيون آهن. پر انهن شين جي تخليق صرف ان وقت ممڪن آهي، جڏهن سمنڊ ۾ خشڪي ظاهر ٿئي ٿي. يعني پاڻيءَ جي عمل دخل کان پوءِ شيون مٽيءَ مان پيدا ٿين ٿيون. انيگزيمينڊر پهريون فيلسوف هو، جنهن موسميات، اپگرهن جي علم ۽ جاگرافيءَ تي ڪم ڪيو.

ساڳي ئي ڪڙيءَ جي ٽئين فيلسوف انيگزامينس Anaximens (٥٢٧-٥٨٥ ق.م.) چيو هو، شيون هوا مان پيدا ٿيون آهن. سندس چواڻي، هوا جي دٻاءَ گهٽ ۽ وڌ ٿيڻ سبب شيون ٺهن ٿيون. يعني هوا جو دٻاءُ عام رواجي آهي تہ هوا؛ هوا ئي رهندي پر جي اهو دٻاءُ گهٽجي وڃي ٿو، تہ پهريان پاڻي پوءِ مٽي ۽ آخر ۾ پٿر ٺهن ٿا. هيراقليطس Heraclitus (٤٨٠-٥٤٠ ق. م.) وري ايئن چيو تہ، هر شئي جي بڻجڻ ۾ باهہ جو عمل دخل آهي. هيراقليطس ئي اهو عظيم فيلسوف هو، جنهن چيو هو وقت گذرندو رهي ٿو. هن چيو هو اوهان وهندڙ نديءَ جي پاڻيءَ کي ٻيهر نٿا ڇهي سگهو.

"You cannot step into the same river twice," the river changes because "fresh waters are ever flowing in upon you."(١)

هيگل ۽ نتشي جهڙن وڏن ڏاهن پڻ هيراقليطس جي واکاڻ ڪئي آهي. انسان



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي ٻُولها جو سفر هگس بوسن جي ٿيوريءَ تائين پهتو آهي. جنهن جو خيال آهي ته اڄ کان ١٦ ارب سال پهريان ڪائنات هڪ نڪتي تي ٻيٺل هئي، جو هڪ زبردست ڌماڪو ٿيو. ڌماڪي سبب ڪائنات نڪتي مان پکيڙ ۾ هلي وئي ۽ ڪروڙين سالن کان پوءِ گرمي پد گهٽجڻ شروع ٿيو، ته ڪائنات ٺٽجڻ شروع ٿي. ڪائنات جيڪا اڃا تائين ٺٽجڻ جي مرحلن مان گذري رهي آهي ۽ انسان ان ٺٽجڻ جا راز ڳولهڻ ڪرڻ ۾ رڌل آهي.

جتي عرش نه اُپ، زمين ناهه ذرو،
نه ڪو چارو چنڊ جو، نه ڪو سج سرو،
اتي آديسين جو، لڱو دڳ درو،
پري پين پرو، ناٿ ڏنائون ناهه ۾.

سائنس ايسيتائين ته چيو آهي، ته ڪائنات ۾ سسڻ ۽ ڦهلجڻ جو سلسلو جاري آهي. جڏهن ڪائنات پکڙجي آخري نڪتي تي پهچي ٿي، ته هڪ لمحو ان نڪتي تي ٻيهي وري سسڻ شروع ٿئي ٿي، تان جو وري هڪ عظيم ڌماڪي جي نوبت اچي ٿي. سائنس توڙي مذهب اڃا تائين اهو ٻڌائي نه سگهيا آهن، ته هن وقت تائين ڪيترا ڌماڪا ٿي چڪا آهن ۽ هن ڪائنات ۾ ڌماڪن جو اهو سلسلو ڪيسيتائين رهندو. مذهبن ۾ ستن آسمانن ۽ زمينن جي ذڪر سان ڪجهه پڌرائي ٿئي ته امڪان آهي ته ست ڪائناتون هجن.

انسان ڳولها جي سفر ۾ آهي. ڳولها جي ان سفر ۾ هن ڪيترائي جتن ڪيا آهن. هو هڪ ٻي سان وڙهيو آهي، رسيو آهي ۽ پرچيو آهي. اڃا تائين وڙهندو رهي ٿو، رسندو رهي ٿو، پرچندو رهي ٿو. پر اها ڳالهه پڻ درست آهي، ته انسان ڪائنات ڪي ڄاڻڻ جي پنڌ ۾ تمام گهڻو رُڌل رهيو ۽ اڃا تائين رُڌل آهي. عظيم يوناني ڏاهپ جو دؤر سقراط کان شروع ٿي ارسطو وٽ پهتو. ٻيا به ڪيترائي ڏاها آيا پر نيٺ يونانين جو زوال شروع ٿيو. رومين رڻ ٻاري ڏنو. اونداهو دؤرشروع ٿي ويو. ڏاهن وري سوچڻ شروع ڪيو. وچيون دؤر آيو ۽ نيٺ نئين جاڳرتا شروع ٿي. انسان دوستي هڪ نئين اُمنگ سان اڀرڻ لڳي. هن تحريڪ جي شروعات هونئن ته گهٽي پراڻي آهي، پر ان جا واضح پيرا اسان کي ١۴۵٣ع کان ملن ٿا، جڏهن قسطنطنيه جو زوال ٿيو. ان جي زوال جا





عوامل پڻ پنهنجي جاءِ تي اهم ۽ دلچسپ آهن. افلاطون ’جمهوريه‘ مان شاعرن کي رڳو ڪڍڻ جي ڳالهه ڪئي هئي. قسطنطنيه مان شاعرن توڙي ڏاهن کي عملي طور ملڪ بدر ڪيو ويو هو. ڪين ايران جي بادشاهه پناهه ڏني ۽ گنڊاپور نالي هڪ شهر ڪين اڏي ڏنو، ته جيئن هو پنهنجو ڪم ڪري سگهن. پر تڪڙو ئي پوءِ بغداد ۾ مسلمانن هنن لاءِ ’دالحڪمه‘ جوڙايو. جتي ويهي هنن يوناني ڪتابن جا ترجما ڪيا. اها به نئين جاڳرتا جي هڪڙي صورت هئي.

نئين جاڳرتا اصل ۾ پنهنجي عظيم ماضيءَ ۾ ڪيل عظيم ڪمن کي ميڄتا ڏيڻ ۽ انهن کي وري جيارڻ واري تحريڪ هئي. اها تحريڪ جنهن سان انسان دوستي ٻٽ ٻيٺل هئي، تنهنجي شروعات ته اٽليءَ مان ٿي، پر اها تڪڙو روم، فرانس، جرمني ۽ انگلينڊ تائين وڃي پهتي.

The word ‘Renaissance’ designates ‘rebirth’, a metaphor applied, from its beginnings, to a cultural vision that originated in Italy… Italian civic humanism was meant to be of use not only to specialists but to all citizens. Humanism has thus been linked by some scholars to the civic ideals of city states such as the Venetian and Florentine republics, although humanism continued as an influential pursuit under other regimes (such as the Medici in Florence). In Italy, the humanist movement was fuelled in part by a patriotic and quasi-nationalist desire to reclaim and re-establish a link between contemporary Italy and ancient Rome.(٢)

انسان دوستيءَ جو پهريون فڪر ڪٿان شروع ٿيو؟ پڪ سان ڪجهه نه ٿو چئي سگهجي. جيڪڏهن ايئن چئون ته ٿيليس کان انسان دوستي شروع ٿي، ته تڏهن به غلط نه ٿيندو. ڇاڪاڻ ته ٿيليس جڏهن انسان ۽ ڪائنات بابت سوال اٿاري، انهن جا جواب ڳولهڻ جي ڪري ٿو، ته اها پڻ انسان دوستيءَ جي هڪ صورت ئي چئبي. پر هڪ ڳالهه ميڄٽي پوندي ته اها انسان دوستيءَ جي هڪ غير واضح صورت هئي. يونان جي ئي هڪ ڏاهي پروٽو گورس(۴۹۰_۴۲۰ ق. م.) جڏهن چيو ته:

“Man is measure of all things, of the things that are, that they are, and of the things that are not.”(٣)

يعني انسان سڀني شين جو پئمانو آهي. اهوئي اصل فلسفو آهي، جيڪو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

انسان دوستيءَ جو بنياد ثابت ٿيو آهي. جيڪڏهن وسيع تر منظر نامي موجب ڏٺو وڃي تہ سارتر جي انسان دوستي پروٽوگورس جي فلسفي جي تمام گهڻي ويجهي نظر ايندي. ڇاڪاڻ تہ سارتر چوي ٿو،

There is no other universe; except the human universe, the universe of human subjectivity.(۴)

پروٽوگورس کان سارتر تائين انسان دوستي لڳ ڀڳ اڍائي هزار سالن جو سفر طئي ڪيو آهي. ان وچ ۾ ڪيترائي لاها چاڙها آيا، انسان کي انسان ئي لاچار بڻايو، قتل ڪيو، سزائون ڏنيون. انهن هاڃن جا ڪيترائي ڪارڻ هئا. پر انهن وڏين تباهين جا بہ اهم ڪارڻ هئا. هڪ اختيار ۽ دولت ۽ ٻيو خدائي خليفو هجڻ جون دعوائون. چوٿين صدي عيسوي ڌاري عيسائيت زور ورتو شروع ڪيو. ۽ پاپائيت يا پوپ کي اهميت ملڻ لڳي. ياد رهي تہ ان دؤر ۾ پوپ کي پاپا جي نالي سان پڻ سڏيندا هئا. گريگوري اهو پهريون پادري، جنهن پاڻ کي پوپ سڏرايو. ۽ خدائي عيوضي هجڻ جي دعوا ڪئي. ان دؤر ۾ عام انسان اڳ ئي گهٽا ڊنل هئا، ان ڪري پوپ جي چئي کي جهڙوڪر خدا جو چيو سمجهي قبول ڪندا هئا. پوپ ماڻهن جي معصوميت مان فائدو وٺندي، ڪين جَهَل جي کوهہ ۾ اڇلائڻ لاءِ عقل ۽ علم کان ڪم وٺڻ کان صفا جهلي ڇڏيو ۽ ان کي خدائي حڪم قرار ڏئي، پڇڪڙي ڪندڙن کي عبرتناڪ سزائون ڏيارڻ شروع ڪيون. علم ۽ عقل جي راهہ ۾ سزائن جو اهو سلسلو ۱۸۰۸ع تائين جاري رهيو. رڳو ۱۴۸۰ع کان ۱۸۰۸ع تائين ۳ لک ۴۰ هزار ماڻهن کي سزائون ڏنيو ويون. جن مان ٻٽيهہ هزار ماڻهن کي جيئرو باهہ ۾ ساڙيو ويو.(۵)

پوپ جيئن تہ پاڻ کي خدا جو نائب ۽ نمائندو سمجهندو هو ۽ ڪيس گهڻو اختيار بادشاهن طرفان پڻ مليل هو. بادشاهہ/راڻي طرفان وري پوپ کي انڪري اختيار ڏنا ويندا هئا، جو نئين بادشاهہ جي چونڊ ڪندڙ ستن ڄڻن جي ٽيم ۾ ٽي نمائندا پوپ جا هوندا هئا. پوپ گناهن جا ڪفارا پاڻ طئي ڪندو هو. سترهين صديءَ تائين تہ باقاعده معافي ناما وڪرو ٿيندا هئا. ۽ پوپ وڏي واڪي چيو، تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاڻ حڪومت طرفان طئي ڪيل جنگ ۾ شرڪت نٿو ڪري سگهي تہ هو پئسن تي پنهنجي جاءِ تي ڪنهن کي بہ موڪلي سگهي ٿو. هن ايسيتائين پڻ چيو تہ، ”اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون، تہ انسان شريعت پٽاندڙ سنا عمل ڪرڻ کان سواءِ بہ ڇوٽڪارو





حاصل ڪري سگهي ٿو.“(٦)

معافي نامن جي وڪري سبب يورپ ۾ بڇڙايون ۽ بد فعليون ڪاهي پيون. ايتري حد تائين جو ۱۴۵۰ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جي هڪ چانسلر ٿامس گئسڪين لکيو تہ: ”اڄڪلهہ ڏوهاري هر هنڌ اهو چوندي پيا نظر اچن تہ ڪين ڏوهن جي ڪا پرواهہ ناهي، ڪيترا بہ ۽ ڪهڙا بہ گناهہ ڪجن انهن جي تلافي لاءِ معافي نامون وٺي سگهجي ٿو، ڪڏهن ڇٽن پئسن ۾ تہ ڪڏهن جوا جي هڪڙي داؤ تي. معافيون وڪڻندڙ هر هنڌ وينا آهن. ڪڏهن ڪين چار پيسا ڏيئي جان ڇڏايون ٿا اچون، تہ ڪڏهن شراب جي هڪڙي پيگ تي تہ ڪڏهن ڏندي جي هڪڙي ڏڪ جي عيوض معافي ورتيون ٿا اچون.“(۷)

يورپ جي لالچي مذهبي پيشوائن کي هتي شاهہ لطيف جهڙوڪر تنبيهہ ڪندي فرمايو آهي تہ:

ڪِيئن مائيندا مَنَ ۾، خُودِي ۽ خُداءِ،
ٻِن تَراڙِين جاءِ، ڪا آهي هڪ مياڻ ۾!
(سر يمن ڪلياڻ: داستان، اٺون، بيت، ۲۳)

ڪجهہ ڏاهن يورپ ۾ بہ اهڙي ڳَٽتي جو ڳي صورتحال تي آواز اٿاريو ۽ چيائون تہ، ”اهي پادري ٻين کي ڪيئن ٿا گناهہ بخش ڪري سگهن، جيڪي پاڻ گناهن ۾ غرق آهن.“ پر اهڙو آواز اٿاريندڙن جي لاءِ باهہ جا اوڙاهہ تيار هوندا هئا. ان حد تائين جو جان وائي ڪلف نالي هڪ ڏاهي جي لاش قبر مان ڪوٺي ڪڍي ان کي باهہ ۾ ساڙيو ويو. جيڪي ۳۲ هزار ماڻهو پوپ سان مهاڏو اٽڪائڻ جي ڏوهہ ۾ ساڙيا ويا هئا، برونو پڻ انهن ۾ شامل هو. عيسائيت جي عقيدي جي برخلاف، زمين جو سج ڀاهران ڦرڻ واري ڳالهہ ڪندڙ عظيم ڏاهو گليلو بہ صرف ان ڪري بچي ويو هو، جو سندس شاگرد با اثر هئا. ان هوندي بہ، گليلوَ کي پنهنجي سچي نظريي کي رد ڪرڻ جو اعلان ڪرڻو پيو ۽ قوم کان معافي وٺڻي پئي. ان دؤران مارٽن لوٿر هڪ انتهائي سگهارو آواز ٿي اُڀريو ۽ ۹۵ سوالن تي ٻڌل هڪ دستاويز تيار ڪري، ڪليسا کان انهن جا جواب گهريائين ۽ آخر جواب نہ ملڻ تي ۱۲ آڪٽومبر ۱۵۱۷ع تي سوالن وارو دستاويز هڪ گرجا گهر جي دروازي تي ڪوڪي سان ٺوڪي آيو. ڪيس ڪجهہ مقامي ماڻهن ۽ ڪجهہ پرڏيهي حاڪمن جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پنيرائي پڻ حاصل هئي. ان ڪري هن جي خلاف ترت ڪا ڪارروائي نه ٿي سگهي، البته ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ پادرين جي هڪ جيوري سندس ۹۵ مان ۴۱ سوالن ڪي مذهب جي خلاف بغاوت ڪوٺيندي، ٻن مهينن اندر ڪيس معافي وٺڻ لاءِ چيو. ڪجهه وقت ڪيس جيل ۾ به بند ڪيو ويو، پر جرمن شهزادن جي مداخلت تي ڪيس ڇڏيو ويو. لوٿر جي تحريڪ ڪيٿولڪ فرقي ڪي لوڏي ڇڏيو، نيٺ پروٽيسٽنٽ جي صورت ۾ لوٿر جي جدوجهد جو ثمر نڪتو. ڪيٿولڪ ۽ پروٽيسٽنٽن جي وچ ۾ ڪيترائي تڪرار هليا.

نئين فرقي سبب شروع ۾ ته ڪيترائي ماڻهو پروٽيسٽنٽ ٿيا. پروٽيسٽن جي ئي پنيرائي ورتل ڪراموبل انگليند ۾ فوجي ڪارروائي ڪندي، ۴۰ پارليامينٽرين ڪي گرفتار ڪري، بادشاهه چارلس پهرئين جو سر قلم ڪيو. جيسيتائين ڪراموبل جيئرو رهيو، هو ڏنڊي جي زور تي حڪومت ڪندو رهيو. پر سندس مرڻ ڪان پوءِ سندس لڏي جو تختو اونڌو ٿيو ۽ چارلس ٻيو بادشاهه ٿي وينو. چارلس ٻئي ڪراموبل جي لاش قبر مان ڪڍرائي، شاهي دفتر جي سامهون ٽنگرائي ڇڏي. هن هڪ دفعو ٻيهر پروٽيسٽن خلاف رڻ ٻاري ڏنو، هڪ اهڙو به وقت آيو، جو ظلم ڪان تنگ اچي، ٻن هفتن جي مدي ۾ ۸۲ هزار ماڻهن پنهجو فرقو مٽايو. اها يا ان سان ٺهڪندڙ صورتحال ٻي جنگ عظيم تائين جاري رهي، ۽ ٻي جنگ عظيم دؤران، ”برطانيا جي ڪم ايندڙ يا گم ٿيندڙ انهن سپاهين جو تعداد ۳ لک ۳ هزار ۲ سو ۴۰ هو جن ڪي مئل تصور ڪيو ويو. جن ۾ جيڪڏهن هندستان ۽ ٻين نون رياستن ۾ ماريل هڪ لک نو هزار سپاهين ڪي شامل ڪيو وڃي، ته اهو انگ ۴ لک ۱۲ هزار ۲سو ۴۰ وڃي بيهي ٿو. انهن مارجي ويلن ۾ برطانيه جا اهي ۶۰ هزار ۵۰۰ عام شهري شامل ناهن، جيڪي هوائي حملن ۾ ماريا ويا نه ڪو وري سامونڊي فوج جا اهي ۳۰ هزار فوجي شامل آهن، جيڪي ان ويڙهه دوران ماريا ويا. ٻئي پاسي آمريڪا جا ۳ لک ۲۲ هزار ۱۸۸ سپاهي پڻ ان ٻي عالمي ويڙهه جو ڪاج بڻيا.“(۸)

ايڏين تباهه ڪارين دوران انسان پنهنجي وجود تي ضرور ويچاريندو رهيو. ريني ڊيڪارٽس چيو، ”هو آئون سوچيان ٿو تڏهن آهيان.“ سندس فلسفي ڪيترن ئي ڏاهن ڪي متاثر ڪيو ۽ ڪيس انسان دوستيءَ جي هڪ سڳي ۾ پوئي رکيو. پر اقتدار جي بُڪين ڪي وقت ئي ڪٿي هو، جو هنن ڏاهن ڏانهن ڌيان ڏرين. هزارين هاڃن جي باوجود پهريان پروٽوگورس پوءِ سيسرو ۽ گهٽو پوءِ پيٽرارڪ ۽ بڪيشو ۽ ٻيا انهن جهڙا





ڪيترائي ڏاها علم ۽ عقل جي ڳالهه ڪندا رهيا، ۽ انسان دوستيءَ جو دم ڀريندا رهيا. پيٽرارڪ ئي ’انسان دوستيءَ جو ابو‘ ڪري مڃيو ويو. ڇاڪاڻ ته هن پنهنجي شاعري وسيلي مذهبي هڪ هٽي ڪان بيزاريت ڏيکاري. جنهن ڪري ڪيس ڪجهه وقت جلا وطن پڻ رهڻو پيو. ڪيس قديم شاعريءَ جو شهنشاهه پڻ سڏيو ويو آهي. سندس فڪر ۾ انسان دوستيءَ جي فڪر جا سڀ اهڃاڻ موجود هئا. هو پاڻ ڪي علامت بڻائي انسانيت جي ڳالهه ڪرڻ وارو ڏاهو هو. پيٽرارڪ هڪ هنڌ لکيو هو،

A law was imposed on me together with my body when I was born, that from its association with me I must suffer many things which I would not suffer otherwise.(۹)

سنجيدگي ۽ گهرائيءَ سان ڏٺو وڃي ته اسان ڪي پيٽرارڪ جي ڳالهين ۾ سارتر جي وجوديت بڪندي نظر ايندي، جنهن جي لاءِ پاڻ سارتر چوندو هو، ته انسان دوستي ئي اصل ۾ وجوديت آهي. پيٽرارڪ جي هنن ڳالهين مان سارتر جي فلسفي جي شاهدي ملي ٿي.

But if you choose to consult yourself (te ipsum consulere) and to speak with yourself rather than with others, I would never stop expecting great things from you and would call you most happy since you serve as your own judge, and I would consider you worthy of envy rather than of pity.(۱۰)

حيرانيءَ جي حد تائين سارتر اسان ڪي پيٽرارڪ جي فڪر ۽ فلسفي ڪان متاثر نظر اچي ٿو. توڙي جو پيٽرارڪ ڪي انسان دوستيءَ جو ابو ۽ سارتر ڪي انسان دوستيءَ جو عظيم فيلسوف مڃيو وڃي ٿو، پر ڪنهن به ادبي توڙي فيلسوف نقاد اڄ ڏينهن تائين سارتر جي اهڙي طرح پيٽرارڪ ڪان متاثر ٿيڻ جي ڳالهه ناهي ڪئي.

انسان دوستيءَ جي تحريڪ سان واڳيل رهڻ يا نه رهڻ ڪان سواءِ به ڪيترائي ڏاها، انسانن جي ڀلائيءَ لاءِ لکندا رهيا. رابرٽ برنس (۱۷۸۹-۱۷۱۶ع) جو ’ماڻهوءَ‘ لاءِ لکيل مشهور نظم، ڏٺو وڃي ته جهڙوڪر انسان دوستيءَ جو ترانو ٿو لڳي، جنهن جون آخري سٽون آهن:

For all that, and all that,
it's coming yet for all that,
That Man to Man, the world o'er,
Shall brothers be for all that.(۱۱)

ٻي پاسي مارڪس جو سمورو فلسفو انسان دوستيءَ تي ٻڌل ڏسجي ٿو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مارڪس جي انسان دوستي هڪ ڊگهو بحث آهي، جنهن تي لکڻ جي ضرورت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. انسان دوستيءَ جي جديد تحريڪ پنهنجي پر ۾ تمام وڏو پس منظر رکي ٿي، جنهن تي مختصر طور اسان بيان ڪري آيا آهيون. مغربي ڏاهن انسان دوستيءَ کي ڪجھ هن طرح پڻ بيان ڪيو آهي.

Humanism has meant many things: "It may be the reasonable balance of life that the early Humanists discovered in the Greeks; it may be merely the study of the humanities or polite letters; it may be the freedom from religiosity and the vivid interests in all sides of life of a Queen Elizabeth or a Benjamin Franklin; it may be the responsiveness to all human passions of a Shakespeare or a Goethe; or it may be a philosophy of which man is the center and sanction. It is in the last sense, elusive as it is, that Humanism has had perhaps its greatest significance since the sixteenth century...Contemporary Humanism includes the most enduring values of Renaissance Humanism, but in philosophic scope and significance goes far beyond it.(١٢)

ٻي پاسي ڊاڪٽر مبارڪ علي پنهنجي ڪتاب، ’يورپ ڪا عروج‘ ۾ لکي ٿو:

”جن ماڻهن يونان ۽ روم جي علمن مان لاڀ پرايو ۽ سندن ڏاهپ ۽ فڪر جي آڌار پنهنجن نظرين ۽ خيالن جو بنياد رکيو، تن کي هيومنسٽ يا انسان دوست سڏيو ويو. انهن جي ڪوشش هئي، ته علمن کي مذهبي وهمن کا ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي ۽ ان جي نئين سر اهڙي جوڙجڪ ڪئي وڃي، جيڪا روزمره جي زندگيءَ ۾ لاڀائتي ثابت ٿئي. جنهن جو لاڳاپو نه صرف فرد جي نجي زندگيءَ سان هجي بلڪ ان ۾ پوري معاشري جي مفادن کي پڻ نظر ۾ رکيو وڃي، ته جيئن ايندڙ وقتن لاءِ رٿا بندي ڪري سگهجي.“(١٣)

لاشڪ انسان دوستي گوناگون موضوع آهي. ڇاڪاڻ ته انسان دوستي جي تحريڪ جون ڪيتريون ئي ڏسائون آهن. جن مان اهم عنصر اهو آهي ته يورپ ۾ انسان دوستن فرد کي چرچ جي هڪ هٿيءَ مان آجپو ڏياريو. هڪ ويڳاڻي فرد کي رستو ڏنو ۽ سوچڻ لاءِ ان کي ڏس ۽ گس ڏنو. اهو انسان دوستيءَ جو هڪ پهلو آهي. ان کان سواءِ به انسان دوستي هڪ فڪر طور ڪيترين ئي معنائن ۾ ورتو ويو آهي . هڪ ڳالھ ميڇٽي پوندي ته يورپ ۾ موجود انسان دوستيءَ جو تصور سنڌ ۾ موجود انسان دوستيءَ جي تصور کان ڪي قدر مختلف بلڪ ڪٿي ڪٿي ته متضاد پڻ آهي. سارتر به پنهنجي سموري انسان دوستيءَ واري فلسفي ۾ ساڳي ڳالھ ڪندو رهيو ۽ نٽشي جو ’سپر مين‘





پڻ ساڳي منظرنامي جو ڏس ڏئي ٿو. سنڌ ۾ جڏهن انسان دوستيءَ جو اصطلاح ڪتب آڻيون ٿا، ته ان مان خاص طور تي انساني ڀلائيءَ جي تصور جي معنيٰ ٿا وٺون. يعني هر اهڙو ڪم، عمل، اڳڀرائي يا هلچل جنهن ۾ انسان جي ڀلي، محبت، پيار، پنهنجائپ، آزادي، آجپي، امن، خوشحالي، چڱائي، سڪون، سهنج، سک ۽ سهولت جي ڳالھ ڪئي ويندي آهي، اها انسان دوستيءَ جي زمري ۾ ايندي، جڏهن ته يورپ ۾ انسان دوستي باقاعدي هڪ تحريڪ طور اڀري آئي آهي. جنهن جا منشور، مول متا، قاعدا ۽ ضابطا پڻ طئي ٿيل آهن. انسان دوستيءَ جي تحريڪ يورپ ۾ ڪيترن ئي مرحلن مان گذري ارتقا جا مرحلا طئي ڪري، موجوده دؤر جي پوسٽ ماڊرن طوفان سان مهاڏو اٽڪائي بيٺل آهي. سنڌ ۾ انسان دوستي پنهنجي الڳ ۽ عجب رنگ ۽ ڍنگ ۾ موجود رهي آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌ جو فڪر انسان دوستيءَ جي ان عظيم منشور تي آڌاريل آهي، جنهن ۾ انسان سان ٻنان ڪنهن ويڇي جي پيار ڪرڻ، امن بحال ڪرڻ ۽ پنهنجائپ جو درس ڏنل آهي. سنڌ جي سموري اساسي توڙي جديد شاعريءَ جو جيڪڏهن ڇيد ڪبو، ته انسان دوستي اهو واحد عنصر هوندو جيڪو ان ۾ بدرجه اتم موجود هوندو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، جيئن ته اساسي شاعريءَ جو معراج آهي، ان ڪري سندس شاعريءَ ۾ انسان دوستي پڻ انتهائي اعليٰ مقام تي موجود آهي. سندس شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جون سڀ ڏسائون موجود آهن. جنهن ۾ عام انسان کان ڪامل انسان شامل آهي.

"A deep and intimate study of the poetry of Latif makes one feel what is to be Insane- Kamil, a completely integrated man".

لطيف جي ڪلام جو گهرو ۽ ڳوڙهو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ اسان کي ڪامل انسان ۽ مڪمل مربوط شخصيت کي سمجهڻ جو ڏس ملي ٿو.“(١٤)

هو جڏهن سنڌ جي لاءِ سک، امن ۽ سهنج گهري ٿو، ته ٻين علائقن کي پڻ ياد ڪري ٿو:

موتِي ماندائَنِ جِي، واري ڪيائين وارَ،
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، چَڱِي ٻَتِ چوڌارَ،
ڪي اُتِيُون اِستَنبولَ تي، ڪَنِ مَڇِيان مَغربَ پارَ،
ڪي چَمڪَن چِين تي، ڪي لَهَنِ سَمرقَندَ سارَ،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

كي رَمي وِيئُون رُومَر تي، كي كابُلِ، كي قَنڌارَ،
كي ڊِهلِيءِ، كي دکَنَ، كي گُڙن مَٿي گِرنار،
كَنِ جُنبي جيسَلميرَ تان، ڏِنا بيكانيرَ بَكارَ،
كَنِهين پُجُ پِڇائِيو، كَنِهين ڍَٽَ مَٿي ڍارَ،
كَنِهين اَچي امَركوٽَ تان، وَسايا وَلهارَ،
سائِينمر! سَدائِين، كرين، مٿي سِنڌُ سُكارَ،
دوس! منا دِلدارَ! عالمَ سَڀِ آبادِ كَرين.
(سر سارنگ)

شاهه سائين ’دوس منا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين‘ جهڙي آفاقي دعا گهري ٿو، ته سندس اڳيان سموري ڪائنات جا انسان هڪ ٿي بيٺل نظر اچن ٿا. حقيقي معنيٰ ۾ اهو ئي انسان دوستيءَ جو معراج آهي. شاهه سائين وٽ انسان دوستيءَ جو فڪر انتهائي عميق ۽ عجيب آهي. هو ان ڪي پڻ انسان جي خصلت ٿو سمجهي ته،

صوفِي لاكوفِي، كونَ پانئيس كيرُ:
منجهيان ئِي مَنجِهه وڙهي، پڌر ناهِس پيرُ:
جنين ساٽس ويرُ، ٿئي تنين جو واهَرُو.
(سر يمن ڪلياڻ: داستان پنجون، بيت ۴)

يعني اصل انسان دوست ته اهو آهي، جيڪو ويرين جو واهرو ٿئي. دشمن سان نيڪي ڪرڻ جو عنصر ۽ اشارو سندس شاعريءَ ۾ ئي موجود آهي. اهو ان ڪري آهي، جو سنڌ جي خمير ۽ ضمير ۾ ماڻهپو، محبت، ميٺ، خلوص ۽ سچائي شامل آهي. شاهه لطيف انسان جي خدمت ڪي ظاهري عبادتن تي فوقيت ڏني ٿو. سندس اهو چوڻ ته:

روزا ۽ نمازون، اي پڻ چڱو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سين پسين پرينءَ ڪي.

’او ڪو ٻيو فهم‘ ڪو ٻيو نه بلڪ انسان دوستي آهي. اها ساڳي انسان دوستي سچل سرمست جي:

’ايجها ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ بٽيچي‘، بابا فريد جي،





فريدا سبنڻان من ماڻڪ، ڍاهڻ مول مَر چانگوا
جي توڻءِ پِريَ دي سِڪ، هيانو نه ڍاه ڪهين دا.

[فريدا سڀنيءَ جو من ماڻڪ آهي ۽ اهو ڍاهڻ مور چڱو ناهي- جي توکي پرينءَ جي (سچي) سڪ آهي ته ڪنهن جي به دل (هيانءَ) نه پيچ.](۱۵)

ڪبير جي،

پوٿي پڙه پڙه جڳ مئا، پنڊت هئا نه ڪوءِ
ايڪ اڪشر پريم ڪا، پڙهي سو پنڊت هوءِ.

۾ موجود آهي. ان ڪان علاه به سموري صوفياڻي شاعريءَ جو بنياد انسان دوستي ئي آهي. پر يورپ جي منظرنامي جي ابتڙ مشرقي شاعري خاص طور مولانا رومي، جامي، حافظ، بابا فريد، بلهي شاهه، سچل سرمست ۽ ٻيا سڀئي شاعر وحدت الوجود جا حامي هئا. ”وحدت الوجود جا قائل حڪيم هجن يا همه اوستي شعراءِ هستيءَ جي لامحدود وحدت کي گهڻو ڪري سمنڊ سان تشبيهه تا ڏين ۽ سڄي موجودات ۽ مخلوقات کي انهيءَ سمنڊ جون موجون يا لهرون تا چون. مولانا رومي رحمت الله عليہ پنهنجي تصور ۽ وجدان ۾ جابجا وحدت الوجود جي ويجهو پهچي تا وڃن، پر انساني ارواحن جي انفراديت به هميشه سندن زير نظر رهي ٿي. ان ڪري پنهنجو پاڻ کي وحدت جي سمنڊ جي محض هڪ لهر يا جلد فنا ٿي وڃڻ وارو ٻوڙيو نه تا سمجهن. ان ڪري هن تشبيهه کان گريز تا ڪن ۽ اهڙن تشبيهن کان ڪم تا وٺن، جن سان فنا في الله هجڻ جي باوجود انسان جي خودي ۽ ان جي امتيازي انفراديت لڪي نه وڃي.، هن ڪان اڳ لوهه ۽ باهه جو مثال نهايت عمدگيءَ سان پيش ڪري چڪا آهن. جنهن مان هي ٻڌائڻ مقصود آهي ته ’تخلقو باخلاق الله‘ (پنهنجي اندر خدائي اخلاق پيدا ڪيو) جي اعليٰ منزلن ۾ به صفات الاهيءَ کي گهڻي حد تائين حاصل ڪري وٺڻ جي باوجود خدا خدائي ٿو رهي ۽ انسان انسان.“(۱۶)

شاهه سائين اهڙي فڪر جو وارث آهي، جنهن ۾ عالم ۽ انسان جي خوشحاليءَ جي ڳالهه شامل آهي، جنهن ۾ ويرين سان به واهرو ٿيڻ جو فڪر موجود آهي، جنهن ۾ اگهن جي مدد ۽ انهن سان ٻانهن ٻيلي ٿيڻ جو درس آهي، جنهن ۾



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مسڪينن سان ونڊ ڪرڻ کي وندر جو درجو ڏنل آهي، جنهن ۾ ڏکين ۽ بکين کي پاڳي پائيوار ڪرڻ جون خصلتون موجود آهن. (اها ہي ڳالھ آهي تہ اهڙين عادتن سبب سنڌ کي ڪيترو پوڳڻو پيو). شاھ سائين اگهن انسانن لاءِ سڪار ۽ سک جو طالبو آهي.

بَرَ وَنا، تَرَ وَنا، وَنِيُون تَرايُون؛
پِرهَ جو پَٽَنِ تي، ڪَنِ وِلوڙا وايُون؛
مَکَڻَ پَرين هَٿَڙا، سَنگهارِيُون سايُون؛
ساري ڏُهن سامُهيُون، ٻولايُون، رانيُون؛
ٻانِهيون ۽ ٻايُون، پَکي سُنهَن پانهنجي.
(سر سارنگ: داستان پهريون، بيت ١٣)

بَرَ وَنا، تَرَ ونا، وَني ڪَڇَ ڪِنارَ؛
پونياڙيءَ پَٽَن تي، ڏِسُ! نايائُون نارَ؛
سَپاجهي سَتارَ، لاتا ڏُرتَ ڏيہَ تان.
(سر سارنگ: داستان پهريون، بيت ١٥)

ڏيھ تان ڏک ۽ ڏولا وا لهڻ جي تمنا ڪري شاھ سائين انسان دوستيءَ جو اهڙو درس ڏنو آهي، جنهن ۾ سموري سچائيءَ سان انسان سان پريت جي ريت قائم رکڻ جو وچن شامل آهي. سنگهارن لاءِ سک جي تمنا شاھ سائين جي انسان دوستيءَ جو اهم دليل آهي.

سارَنگَ! سارَ لَهيج، اَللهَ لَڳ اُڃِيَن جِي؛
پاڻِي پُوجَ پَٽَن ۾، اَرزان اَنَّ ڪَريج؛
وَطَنُ وَسائيج، تہ سَنگهارَن سُکُ ٿِئي.
(سر سارنگ: داستان پهريون، بيت ١٦)

سارَنگَ کي سارِين، ماڙهُو، مِرگهہ، مينهيُون؛
آڙيُون اَبَرَ آسِري، تاڙا تَنوارِين؛
سِپُون جي سَمُونڊَ ۾، نَئين سِجَ نِهارِين؛
پَلَرُ پيارِين، تہ سَنگهارَن سُکُ ٿِئي.
(سر سارنگ: داستان پهريون، بيت ١٧)





جتي شاھ سائين انسان جي سک ۽ سکون جي ڳالھ ڪري ٿو، اتي ڪيس انسان جي بدلجڻ ۽ پنهنجي بنيادي انسان دوست قدرن کان ڦرڻ ۽ ٿڙڻ تي پڻ ڳڻتي آهي. شاھ سائين ڪرنڊڙ انساني قدرن جي نشاندهي ڪري انسان دوستيءَ جو نئون گس ڏسيو آهي.

حُڪُمُ ٿِيو بادَلَ کي، تہ سارَنگَ ساڻَ ڪَڄَنِ؛
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ٿَهَ ٿَهَ مِينهَن ٿِمَنِ؛
جِنِ مَهانگو لَهِي ميڙيو، سي تا هَٿَ هَٽَنِ؛
پَنجَنِ مَنجهان پَندِرهَن ٿِيا، اِئَن تا وَرِقَ وَرَنِ؛
ڏُڪارِيا ڏيہَ مان، شالَ مُوذِي سَڀُ مَرَنِ؛
وَرِي وَڏي وَسَ جُون، ڪَيُون ڳالِهيُون ڳنوارَنِ؛
سَيِّدُ چوِي سَيِنِ، آهِ توهِ تُنهنجِي آسِرو.
(سر سارنگ: داستان چوٿون، بيت ٨)

شاھ سائين انهن زخيره اندوزي ڪندڙن کي نندي ٿو، جيڪي خلق خدا جي غربت مان فائدو پرائي غريبن ۽ مسڪينن کان پنهنجي شين جو وڌو اگهہ تا وٺن. شاھ سائين جهڙوڪر انهن موقعي پرستن کي بد دعا ٿو ڏئي، تہ جن مسڪينن کي لٽڻ ۽ ڦرڻ جو بندوبست ڪيو هو سي 'شال موذي سڀ مرن'، مينهن جي وسڻ ۽ پلر جي پالوٽ جي ڪري پنجن مان پيا پندرنهن ٿين، يعني سک ۽ خوشحالي پئي اچي. انسان دوستيءَ جو اهڙو مثال شايد ئي ڪٿي ملي. جنهن ۾ انهن اگهن سان پيار آهي، جيڪي صرف پالڻهار جي آسري آهن. اهي مسڪين 'جنين ڏاند نہ ٻچ، تنين تهنجو آسرو...' جي مصداق آهن. شاھ سائين جهڙوڪر مسڪينن ۽ غريبن جي زبان ٻڌجي پالڻهار اڳيان سندن سک لاءِ دعاڳو آهي. جتي هو انسان جي سک جي طلبگار آهي، اتي ڪيس آدمين جي اخلاص متائڻ تي ڳڻتي پڻ آهي.

آدِمِيُن اِخلاصُ، مَٽائي مانو ڪَيو؛
هاڻِ ڪائي سَيُڪو، سَندو ماڙُهوءَ ماسُ؛
دِلبَرَا! هِنَ دُنيا ۾، وَڃِي رَهندو واسُ؛
ٻيو سَڀُ لوڪَ لِباسُ، ڪو هِڪَڙِلِ هُوندو هيڪڙو.
(سر بروو سنڌي، داستان٣، بيت ٣)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آدميءَ جي اخلاص مٿانئڻ معنيٰ انسان جي انسان سان ڪپت ڪرڻ ۽ شاھ سائين اهڙي عمل تي الاهي رنجيده آهي، هن کي ڳڻتي آهي تہ آخر انسان ان حد تائين ڪيئن هليو ويو آهي جو، 'هاڻِ ڪائي سَپُڪو، سَندو ماڙُهُوءَ ماسُ؛' جي صورتحال اچي وئي آهي. شاھ سائين اهڙي ڪرندڙ قدر جي نشاندهي ڪري، انسان سان پنهنجي والهانہ محبت جو اظهار ڪيو آهي.

شاھ لطيف هن خطي جي فڪر جو وارث ۽ امين آهي. جنهن ۾ انسان دوستي اهم جز آهي، آغا سليم صاحب جن لکيو آهي تہ: ”شاھ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ نہ رڳو ابن العربيءَ جي وحدة الوجود جي نظريي جي تشريح ڪئي آهي، پر هو پاڻ ان نظريي جو وڏو تخليقي مفڪر بہ آهي ۽ هن حقيقت جي عرفان جو ٻين سڀني کان جدا طريقو ٻڌايو آهي. هن جو نظريو آهي تہ حقيقت جو عرفان تڏهن حاصل ٿي سگهي ٿو جڏهن ماڻهوءَ جو اندر اجرو ٿئي. اندر جي اجري ٿيڻ کي انگريزيءَ ۾ Catharses چوندا آهن ۽ شاھ ان کي نجس جو نڪرڻ ٿو چئي.“(١٧)

شاھ سائين جي ڪردارن تي جڏهن سوچيون ٿا، تہ معلوم ٿيندو، تہ سندس شاعريءَ ۾ موجود سمورا ڪردار انسان دوستيءَ جي جذبي سان سرشار آهن. يعني شاھ سائين اهڙن ڪردارن جي چونڊ ڪئي آهي، جن وٽ انسان دوستيءَ جو وڪر موجود آهي.

## نتيجو:

انسان دوستي انسان سان محبت، پيار ۽ پنهنجائپ جو بنيادي فڪر آهي. انسان دوستيءَ جي ابتدا تڏهن ئي ٿي جڏهن انسان پاڻ تي سوچڻ شروع ڪيو. هر معاشري ۾ انسان دوستي ان معاشري جي ثقافتي ۽ تاريخي تسلسل سان مليل آهي. يورپ ۾ انسان دوستيءَ جو رنگ ۽ نمونو سنڌ جي انسان دوستي کان بلڪل مختلف بلڪ ڪجھ هنڌن تي تہ بنھ مختلف آهي. شاھ سائين وٽ انسان دوستيءَ جو تصور سنڌ جي اساس ۾ موجود انسان دوستيءَ جي فڪر جو ئي تسلسل آهي. جنهن ۾ ماڻهن سان پيار، پنهنجائپ، انسان جي ڀلي، محبت، آزادي، آجپي، امن، خوشحالي، چڱائي، سڪون، سهنج، سک ۽ سهولت جي ڳالھ شامل آهي. يعني فرد جو هر هاڪاري رويو شاھ سائينءَ جي انسان دوستيءَ جي زمري ۾ اچي وڃي ٿو. اهو ئي سبب آهي، جو شاھ





سائين جي انسان دوستي عالمي سطح تي ممتاز ۽ معتبر نظر اچي ٿي. شاھ سائينءَ جي شاعريءَ جو محور ۽ مرڪز انساني ڪردار آهن. شاھ سائين جي سڀ کان وڏي انسان دوستي اهائي آهي تہ هن پنهنجي فڪر جو مرڪز انسان کي بڻايو آهي.

## حوالا

1. Samuel Enoch Stumph, James Fieser, `*Philosophy history and problems*`, 7th Edi. McGraw-Hill pp.12.
2. Michael Hattaway, `A companion to English renaissance literature and culture`, edited by, Black Well London, 2003, Page: 14.
3. Samuel Enorch, `*Philosophy history And Problems*`, McGrahill, New yark, 2008, page, 28.
4. Jean Paul Sartre, ‘*Existentialism is humanism*’, Methuen, London, 1966, page. 55
٥. عباس، گل محمد، ڊاڪٽر، 'اردو شاعريءَ ۾ انسان دوستي'، عثمان پبليڪيشنز، لاهور، ص:٢٠.
٦. عبدالرشيد ڊاڪٽر، 'مطالعہ اديان و مذاهب'، طاهر سنز، ڪراچي، ٢٠١٢ع، ص: ٢٨٢.
٧. عباس، گل محمد، 'ڊاڪٽر، اردو شاعريءَ ۾ انسان دوستي'، عثمان پبليڪيشنز، لاهور، ص: ٢١.
٨. حوالو ساڳيو، ص: ٣٤.
9. Gur Zak, ‘*Petrarch’s Humanism and the Care of the Self*’, Cambridge University Press, P. 88.
10. Ibid.
11. http://www.robertburns.org/works/496.shtml.
12. *Corliss Lamont, ‘The Philosophy of Humanism’, Eighth Edition*. HALF-MOON FOUNDATION, INC.1997. p. 12.
١٣. مبارڪ علي، ڊاڪٽر، 'يورپ ڪا عروج'، فڪشن هائوس، لاهور، ٿيون ڇاپو، ٢٠٠٥ع، ص: ٩٢.
١٤. چانڊيو، جامي، مرتب: ڪلاسيڪي ۽ جديد شاعري، مضمون، 'شاھ لطيف جي ڪلام جو فلسفو'، انعام شيخ، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠٠٧ع، ص.
١٥. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ'، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ٽيون ڇاپو، ١٩٩٠ع، ص: ١١٣.
١٦. رومي، مولانا، 'تشبيهات رومي'، مترجم: عبدالجبار صديقي، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ٢٠٠٦ع، ص: ٥٦.
١٧. سليم، آغا، 'لات جا لطيف جي'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ٢٠٠٧ع، ص: ٧.